ڊاڪٽر شير مهراڻي
سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي

# امر پيرزادي جي نظم، "شرط" جو تنقيدي جائزو
# Critical analysis of Amar Pirzado's poem "The Condition"

**Abstract**

Amar Pirzado is a Young Poet of Sindhi Language. Basically he is modern poet, His Aesthetics and romantic approach is laudable. His similes and metaphors are unique and treatment is also distinctive and beautiful. He uses local metaphors with international approach.

In this research article I have presented critical analyses of his poem "The Condition", the poem is included in his latest Book, *Fana.* In this poem Amar has depicted natural as well as artificial, subjective and objective metaphors. The core philosophy of this poem is aesthetic appreciation of the beloved. I have critically analyzed the poem discussing its art and philosophy.

شيخ اياز، اياز گل جي استعاري، "ٻي وڳي کان پوءِ ڪئمپس" بابت چيو هو ته اياز گل نه رڳو ڪائنس بعد جو شاعر آهي، بلڪ هو ان شعري تجربي کي اڳتي وڌائي ٿو جتي هن اهو تجربو ڇڏيو آهي. هن لکيو هو

"اياز گل نئين ٽهيءَ جو منفرد شاعر آهي، ۽ ننڍي عمر ۾ ئي هن پنهنجي جاءِ والاري ڇڏي آهي. مان هن جي شاعري ۾ نئين ٽهي جي شاعري ڏسي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته اها نيٺ ڪنهن به بين الاقوامي معيار تي اچي ويندي. ان شاعري ۾ جاگيرداراڻي دور مان نڪري صنعتي دؤر ۾ داخل ٿيڻ جا آثار ملن ٿا ۽ ان جون تشبيهون محاڪات وغيره روايتي شاعري کان مختلف آهن، ۽ انهن تي

پنهنجي انفراديت جي ڇاپ آهي.”

شيخ اياز جنهن شعري روايت جي ڳالهه اياز گل جي حوالي سان ڪئي آهي، امر پيرزادو ان ساڳي شعري روايت کي اڳتي وڌائي ٿو ۽ هو جديديت، بلڪ جديديت پڄاڻان جون تشبيهون ۽ استعارا ڪتب آڻي ٿو. هن جي شاعريءَ جا اڪثر محاڪات ساختيات پڄاڻان ۽ جديديت پڄاڻان جي پٽرائي ڏسي سگهجن ٿا. هن جو شعري تجربو سندس ئي وقت سان هم آهنگ آهي. هو جنهن دور ۾ رهي ٿو ان ئي دؤر جي ڳالهه ڪري ٿو. هلندڙ دور زرعي دور به آهي، صنعتي دؤر به آهي ته انفارميشن ٽيڪنالوجي جو دور پڻ آهي. دورن جو اهڙيءَ ريت گڏجڻ ئي اصل ۾ اها صورتحال آهي، جنهن کي جديديت پڄاڻان جي نالي سان سڏيو ويو آهي. هيءُ دؤر ٽڪرڻ تبديلين جو دور آهي. امر پيرزادي جو نظم، “شرط” اهڙن ئي استعارن سان پريل آهي، جنهن ۾ موجوده دؤر جي نفسياتي، جمالياتي، رومانوي، سماجي ۽ ثقافتي عڪاسي آهي. نظم آهي،

“ميڪ اپ تي
تنهنجو چهرو ڏاڍو سوٺ ڪندو آهي

موبائيل ڪيمرا
تنهنجي سيلفي جي لئه ايجاد ٿي آهي

پارڪ جي چِبر
تنهنجن پيرن کي ڏسي
وجود ۾ آئي آهي

رنگ توکي
پائڻ لئه
ڪپڙن جي ٿاڻن مان وڇائجي ٿا وڃن

آبشار
تنهنجي وارن جو حسن

بيان ڪرڻ لئہ وهندا ٿا رهن

چنڊ توکي وٺائڻ لئہ
روز نوان نوان
روپ پيو مٽائي

مينهن تنهنجو جسم ڇهڻ لئہ
آسمان مان پنڌ ٿو ڪري

سمنڊ تنهنجا پير ڇهڻ لئہ
ڇوليون هڻي رهيو آهي

آئينو تولئہ
ليا پائيندو ٿو رهي

شاعري، موسيقي، مصوري
تنهنجا مختصر تعارف آهن

۽ عشق تنهنجو حسن بيان ڪرڻ لئہ
بنيادي شرط آهي!"

سپ کان پهريان هن نظم ۾ ڪتب آيل انهن آبجيڪٽس کي ڏسون جن کي تمثيلي ۽ استعاراتي طور بيان ڪيو ويو آهي. اهي شيون/عنصر/آبجيڪٽ هي آهن.

ميڪ اپ، موبائيل ڪيمرا، پارڪ جي ڇپر، رنگ، آبشار، چنڊ، مينهن، سمنڊ، آئينو شاعري، موسيقي، مصوري ۽ عشق. جيڪي عنصر يا شيون هن نظم ۾ استعاراتي طور ڪتب آيون آهن، انهن کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. هڪ فطرتي، ٻيون مصنوعي: پر اها ساڳي تقسيم موضوعي ۽ معروضي بہ آهي. فطري شين ۾ محبوبہ جو چهرو، آبشار، چنڊ، مينهن، آسمان ۽

سمنڊ شامل آهن. مصنوعي شين ۾ موبائيل ڪيمرا ۽ آئينو شامل آهن. موضوعي شين ۾ شاعري، موسيقي ۽ مصوري شامل آهن. ۽ معروضي شين ۾ پارڪ جي چهري، رنگ ۽ ڪپڙن جا ٿان شامل آهن. نظم جو ڪلائيمڪس عشق ۽ سپر ڪلائيمڪس حسن يا سونهن آهي؛ جنهن جو عشق محتاج آهي، جنهن ڪي هن نظم ۾ بنيادي شرط سڏيو ويو آهي. انهن استعارن/اهڃاڻن/عڪسن/عنصرن ۽ علامتن کي گهٽ پاسن کان بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اسان ان نظم جون علامتون سمجهنداسين ته هيءُ مڪمل طرح سان جمالياتي نظم آهي، جنهن جون سڀئي علامتون جمالياتي آهن. هن نظم ۾ نه صرف فطري جماليات آهي بلڪ ان ۾ فني، جسماني، نفسياتي، مصنوعي ۽ وجداني جماليات پڻ آهي. محبوبه جو چهرو، آبشار، چنڊ، مينهن، آسمان ۽ سمنڊ فطري جماليات جون علامتون آهن. فطري جماليات بابت مشهور فيلسوف ۽ ڏاهي شلر جو جو چوڻ آهي ته سونهن صرف ڏسندڙ جي اک ۾ موجود ناهي هوندي بلڪ سونهن قدرت جي نظام يا فطرت ۾ اڳ ئي موجود هوندي آهي. ۽ فطرت ئي سونهن جي اصل تخليقڪار آهي.

هتي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته آخر فطرت ڇا آهي؟ فطرت اهڙين سڀني شين جو ميڙ آهي، جيڪي اڳ ئي موجود هيون. شين جي موجود گي فطري آهي، پر انهن ۾ تبديلي مصنوعي ٿي سگهي ٿي، فطرت ۾ شيون پنهنجو ڏار مقام ۽ سڃاڻ ته قائم رکن ٿيون پر انهن سڀني شين جي گڏيل ميڙ جو نالو فطرت آهي.

> "… In one sense, everything is a part of nature for there is a sense in which nature is just the totality of everything."

يعني ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ ڪنهن نه ڪنهن ريت فطرت سان سلهاڙيل هوندي آهي. ٻين لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو ته "فطرت شين جي مرڪز جو ڪردار ادا ڪريتي. فطري سونهن کي وڻائيندڙ شين ۾ هڪ طرف آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ پهاڙ آهن ته ٻي پاسي پاتال تائين گهرا سمنڊ آهن. جتي بلند قامت وڻ فطري سونهن وڌائن ٿا ته اتي گلن جون نازڪ ۽ نفيس پتيون ۽ ننڍڙا ٻوٽا پڻ ڏسندڙ جي اندر ۾ لطيف احساس پيدا ڪن ٿا. جتي پکين جو منڙيون ٻوليون سماعتن ۾ رس پرين ٿيون اتي شينهن جي گجگوڙ پڻ فطري جلال کي معنا بخشي ٿي. صبح جي ٿڌڙي هير فطري سونهن ۾ اضافو ڪري ٿي ته

جهڪون، جهولا ۽ سگهارا قدرتي طوفان فطري جلال جو مفهوم سمجهائن ٿا. جتي خوبصورت جهرڻا ۽ ندين جا مانيٽا وهڪرا ۽ آبشار فطري حسن ۾ شامل آهن اتي ٻوڏون، اٿلون ، سيلاب ۽ پاڻي جا ڊيڄاريندڙ وهڪرا فطري جلال کي واضع ڪن ٿا. اهڙين شين ۾ موجود ڪوڙ سارا تضاد فطري جمال جو حصو آهن."

هن نظم ۾ فطري جمال جا ڇهه عڪس آهن يعني محبوبه جو چهرو، آبشار، چنڊ، مينهن، آسمان ۽ سمنڊ. شاعر پاڻ کي مڪمل طور انهن ڇهن فطري جمالياتي عنصرن ۾ گم ڪري بلڪ پنهنجي وجود کي انهن ۾ اوتي انهن کي علامتي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. ڇهه ئي علامتون پنهنجي پر ۾ هڪ وڏي ادراڪ ڏانهن آڱر سڃين ٿيون، جن کي شاعر پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪندي بيان ڪيو آهي.

هو فطرت کان مصنوعيت ڏانهن وڌي ٿو. فطرت کان مصنوعيت ڏانهن وڌڻ يا مصنوعيت کان فطرت ڏانهن وڌڻ هونئن ته متضاد شيون آهن، پر هن نظم ۾ ان تضاد کي بلڪل ختم ڪيو ويو آهي. بلڪ هن نظم کي اهڙن تضادن بدران انهن ۾ هم آهنگي رکي وئي آهي.

چاڪاڻ ته اهو طئي ٿي چڪو آهي ته "اڄ جو جديد انسان هڪ نقاد جي حيثيت سان قدرت جي رهجي ويل شين جي تڪميل ڪري ٿو. " *بے ذوق نہیں اگرچہ فطرت، جو اس سے نہ ہو سکا وہ تو کر*" پٽاندڙ انسان پنهنجي مقصد ۽ گهرجن آهر فطري شين کي ٻيهر ترتيب ڏئي ٿو. فطري سونهن پنهنجي جمالياتي سگهه وسيلي ذهنن ۾ سونهن لاءِ ڪشش پيدا ڪري ٿي ۽ ڏاهن ذهنن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي انهن کي سوچڻ تي اڪسائي ٿي. اهڙين فطرت پنهنجي لامحدود سچاين کي وسعت ڏيندي ارتقا ڪري ٿي.

> "… The beauty of nature reforms itself in the mind and not for barren contemplation but for new creation."

امر کان اڳ اسان جيڪڏهن اهڙي هم آهنگي جا پيرا ڪڻنداسين ته اسان جي ملاقات جڳ مشهور ڏاهي هيگل سان ٿيندي، جنهن پڻ فرد جي تخليق ڪيل سونهن ۽ فطري سونهن کي پاڻ ۾ هم آهنگ ڏيکاريو بلڪ گهڻن هنڌن تي فرد جي پيدا ڪيل سونهن کي فطري سونهن کان مٿاهون سڏيو پر جڏهن مٿس

اهڙي تنقيد ٿي تہ هن جواب ڏنو.

> “God reveals himself in men and therefore the best of man’s works are the best of God’s.”

خدا بندي جي روپ ۾ پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو ان ڪري بندي جو ڪيل اعليٰ ڪم اصل ۾ خدا جوئي ڪيل ڪم آهي.

“ميڪ اپ” ۽ “پارڪ جي چبر” هن نظم ۾ ڪتب آيل بہ اهڙيون علامتون يا استعارا آهي، جن ۾ پڻ گهڻيون معنائون لڪل آهن. هڪ تہ ساڳي ڳالهہ جنهن جو مٿي ذڪر ڪري آياسين تہ توڙي جو فطرت بي ذوق ناهي، پر جيڪو ڪجهہ هن کان رهجي ويو آهي اهو فرد کي ڪرڻ گهرجي. چهرو يا چهري جا خدو خال خدا ٺاهيا آهن، پر ان جي ٺاهہ جوڙ ڪري، فئشن ۽ ميڪ اپ وسيلي ان کي وڌيڪ زيبائتو ۽ سهڻو بڻائي ٿو. توڙي جو جديد جسماني جماليات جو زور سيميٽري يا هم آهنگي تي وڌيڪ آهي، ۽ حسن جي مقابلي ۾ شرڪت ڪندڙ حسينائن کي ‘ويسٽ ٽُہ هپ ريشو’ سميت ٻين اٽانگن مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو جن ماهرن ان ڏس ۾ کوجنا ڪئي آهي انهن ۾ يونيورسٽي آف نيو ميڪسيڪو جو پروفيسر رينڊي ٿورن هل Randy Thornhill ، انڊيانا يونيورسٽي جو پروفيسر مائيلوس نووٽني Milos Novotny ، ٽيڪساس يونيورسٽي جي پروفيسر ديوندرا سنگهہ ، مائيڪيگن يونيورسٽي جو Jianzhi Zhang ۽ ٻيا ڪيترائي ڏاها شامل آهن. پروفيسر ٿورن هل لڳ ڀڳ پنڌرهن سالن کان سونهن کي پرکڻ ۾ رڌل آهي، هن هزارين خوبصورت ڇوڪرين جا چهرا ڪمپيوٽر تي اسڪين ڪري تجزيا ۽ تجربا ڪيا آهن. جڏهن تہ پروفيسر ديوندرا سنگهہ خاص طور Waist-to-hip ratio (WHR)تي ڪم ڪيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ عورتن ۾ اهو ريشو 0.67 کان 1.18 ۽ مردن ۾ 0.8 کان 1.0 حسن ۽ ڪشش جي زمري ۾ اچي ٿو.

سائنسي بنيادن تي سونهن جي پرک ڪندڙ بہ هڪ دفعو ٻيهر ان کي فرد جي فطري نفسيات سان جوڙين ٿا. ۽ سارڪس يونيورسٽي جي اينٿراپالاجي شعبي مان سونهن جي موضوع تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺندڙ سوسن رنڪل پنهنجي ٿيسزز ۾ لکي ٿي تہ سونهن جو مقابلو ڪٽڻ لاءِ ضروري آهي تہ جڏهن توهان دنيا جي غريب ٻارڙن بابت ڳالهايو تہ توهان جون اکيون آليون ٿي وڃن.

"Besides looking good, your eyes must become moist while talking about the world's poor children."

امر پيرزادي جنهن سونهن راڻيءَ جو نقشو هن نظم ۾ چٽيو آهي، اها غريب ٻارڙن لاءِ ته اکيون آليون نٿي ڪري، پر سندس سونهن جو اصل معيار ۽ منزل عشق آهي. ۽ هوءَ عالمي سطح تي سونهن راڻي ٿيڻ جا سپنا ڳڻ رکي ٿي. هن نظم ۾ جيڪا ڪيفيت بيان ڪيل آهي، اها ڪاليداس جي هن ڪيفيت کان ڌار ناهي، جنهن چيو هو.

"تنهنجون اکيون ڪنول جي پتين وانگر آهن. تنهنجو مک ڪنول وانگر آهي، تنهنجا چپ ڪچا ڪونپل آهن، ۽ تنهنجا انگ چمپا جي پنن وانگر آهن. ٻڌاءِ پريتمان ٻڌاءِ ته اپاٽهار توکي پتر جهڙو هانءُ ڇو ڏنو آهي."

امر پيرزادي کي پنهنجي محبوبه کان ڪاليداس جهڙي شڪايت ناهي. ڇاڪاڻ ته هو هن نظم ۾ لمحن جي وحدت کي قيد ڪري ٿو. ۽ عشق کي رومانوي ۽ جمالياتي ڪيفيتن جو معراج سڏي ٿو. آئون اڳ به لکي آيو آهيان ته هن نظم جو ڪلائيمڪس عشق ۽ سپر ڪلائيمڪس حسن يا سونهن آهي. فرائيڊ موجب ڪنهن به بيان يا ادب پاري ۾ جيڪا شئي ٻڌايل يا بيان ڪيل هجي اها ضرور اهم هوندي آهي، پر ان کان به وڌيڪ اهم اها ڳالهه هوندي آهي، جيڪا نه ٻڌائي وڃي. هن نظم ۾ سونهن ۽ عشق ته ٻڌايل آهن پر وصال جو ڏس پتو ناهي، هن نظم جي لفظن ۽ استعارن ۾ لڪايل وصال جي ڳالهه امر هڪ ٻي مختصر نظم ۾ ڪئي آهي. امر نظم "اڄ ته" ۾ لکي ٿو

"برف جهڙي آ هوا
اڄ ته ٻاهر ٿا ملون
ٻاهه جهڙا چپ ڪڻ
مچ مچائي ٿا اچون."

هن مختصر نظم ۾ امارو جي نظمن جهڙو حسن ۽ ڇڪ آهي، جنهن چيو هو "انبن جي گهاٽن وڻن مان ايندڙ ڪُوڪُو جو آواز ٻڌي، هن پنهنجي عاشق کان پڇيو "اهو آواز ڇا جو آهي؟، "ڪويل جو"، "ڪويل ڇا آهي؟" هن معصوميت مان چيو هن جي عاشق جي چپن تي پيار سان ٽمٽار مرڪ تري آئي

۾ هو ڪيس انبن جي گهاٽن وڻن جي پريان ڪويل ڏيکارڻ وٺي ويو.“

امر پيرزادي جي نظم، ”شرط“ کي متني ۾ ساختياتي تنقيد تحت رولان بارٿ جي ڪوڊز جي مدد سان پڻ کولي سگهجي ٿو. نفسياتي تنقيد تحت فرائيڊ، ايڊلر، يونگ ۽ ڊاڪٽر جونس جي نظرين کي سامهون رکي به ان جو ڇيد ڪري سگهجي ٿو. يا ان ڪانسواءِ به هن نظم تي ڳالهائي توڙي لکي سگهي ٿو. اهڙا ڀرپور نظم يقينن امر جي شاعريءَ کي امر ڪري ڇڏيندا.

## حوالا:


1. شيخ اياز جا تنقيدي مضمون، سهيڙ: عبدالستار پيرزادو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2018ع ص، 101
2. پيرزادو امر، فنا، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪونج اڪيڊمي ڪراچي، 2018ع، ص، 150، 151
3. ادب اور زندگي، مجنون گورکپوري، مڪتبہ دانيال 2008ع صفحہ 92
4. The Aesthetic Appreciation of Nature, Malcolm Budd, Oxford university press, N. York 2002 pp.2
5. مهراڻي شير ڊاڪٽر، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات،ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2013ع ص
6. Nature, Aesthetics and Environmentalism: from beauty to duty, Edited by, Allen Carlson, Sheila L, Columbia uni. Press, 2008.p 52
7. Hegel's Aesthetics, John Steinfort Kedeney S.T.D Edited by George Morris Chicago S.C. Griggs and company.1885.page:51
8. The Beauty obsession international standard for fair and lovely Susan Runkle page:13
9. شيخ اياز جا تنقيدي مضمون، سهيڙ: عبدالستار پيرزادو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2018ع ص، 188
10. پيرزادو امر، فنا، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪونج اڪيڊمي ڪراچي، 2018ع، ص،